قرآني بيان

# عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جا

# 3 اوصاف

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

**13-June-2025**

## جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
13 جون، 2025ء (16 ذوالحجةُ الحرام، 1446ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا 3 اوصاف

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هڪ رڪعت ۾ پورو قرآن پڙهندا هئا

✿... منهنجو رب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي (واقعو)

✿... خوفِ خُدا ۽ اميد ٻئي ضروري آهن

✿...رحمت جي اميد جو اصل مطلب

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو، جنهن مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود پڙهيو هوندو.[1]

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی | کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد
روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا | میں یہ کہوں گا نامِ مُحَمَّد[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّ قَآئِمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَ يَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ؕ

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... مسند فردوس، جلد:5،صفحہ:277،حديث:8175۔

[2]...قَبالۂ بخشش ،صفحہ:133- 134-135 ملتقطًا۔

# حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ صحابيءِ رسول آهن ۞ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مَدَني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ڦُڦي صاحبہ حضرت اُمِّ حڪيم رَضِیَ اللہُ عَنْھَا جا ڏوهٽا آهن يا ائين چئجي تہ توري پري جي رشتي سان مالِڪِ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا ڀاڻيجا ٿين۞سابقينِ اَوّلين مان آهن يعني شروعات ۾ ئي اسلام قبول ڪري دائرہءِ اسلام ۾ داخل ٿي ويا هئا، اسلام قبول ڪرڻ ۾ سندن چوٿون يا پنجون نمبر آهي،۞عشره مبشره (يعني زبانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زبان مبارڪ مان جنّت جي بشارت حاصل ڪندڙ 10 صحابہءِ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان) مان آهن ۞سرڪارِ اعظم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان ايتري محبت فرمائيندا هئا جو پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ هڪ ڪري پنهنجون بہ صاحبزاديون حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نڪاح ۾ ڏنيون.[1] ان سبب سان ڪيس ذُوالنُّورَين (يعني ٻن نورن وارا صحابي) پڻ چيو ويندو آهي.

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا | ہو مُبارک تُم کو ذُو النُّورَیْن جوڑا نُور کا(2)

۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ مون ڏانهن وحي فرمائي تہ مان پنهنجي ٻن ڌيئرن جو نڪاح عثمان سان ڪيان.[3]۞هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جيڪڏهن منهنجون 100 ڌيئرون هجن ها، انهن مان هڪ جي وفات ٿئي ها تہ مان ٻي عثمان جي نڪاح ۾ ڏيان ها، ان جو انتقال ٿئي ها تہ مان ٽئين عثمان جي نڪاح ۾ ڏيان ها، ايستائين جو مان پنهنجون 100 جون 100 صاحبزاديون هڪ هڪ ڪري عثمان جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها.[4]
۞ مولاءِ ڪائنات، مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ بابت سوال ڪيو ويو تہ فرمايائون: عثمان اهو آهي جنهن ڪي ملائڪَ ذُوالنُّورَين

---

1...نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544، خلاصۃً۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:246۔
3...معجمِ الاوسط، جلد:2، صفحہ:346، حدیث:3501۔
4... کنزُ العُمال، کتاب:الفضائل، فضائل ذی النورین ...الخ، جُز:13، جلد:7، صفحہ:21، حدیث:36201۔

چوندا آهن، رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا نِياٽا آهن، پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کيس جنّت جي ضمانت ڏني.[1]

نبی کے نور دو لیکر وہ ذُوالنُّورَیْن کہلائے
انہیں حاصِل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رَحمانی(2)

۞ اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي شهادت کانپوءِ مسلمانن جي کثرتِ راءِ سان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه خليفا مقرر ٿيا.[3] 12 سالن تائين پاڻ خليفا رهيا.[4] 18 ذوالحج 35 هجريءَ ۾ (40 ڏينهن بکايل اڃايل رهي) نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيا ويا.[5]

قرآنِ ڪريم ۾ ڪيترن ئي جاين تي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي شان ۽ عظمت جو بيان موجود آهي، بيان جي شروع ۾ اسان سيپارو: 23، سورة زُمَر، آيت: 9 جو هڪ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا 3 اَوصاف

اللّٰه پاڪ فرمايو:

اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّیْلِ سَاجِدًا وَّ قَآىِٕمًا یَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَ یَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖؕ

(سيپارو: 23، الزمر: 9)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا اهو شخص جيڪو سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ رات جو گهڙيون فرمانبرداري ۾ گذاري ٿو، آخرت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي رب جي رحمت جي اميد لڳائي رکي ٿو،

هڪ قول جي مطابق هي آيتِ ڪريمه ٻه مسلمانن جي ٽئين خليفي اَميرُ الْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي شان ۾ نازل ٿي.[6] ۽ هن آيت ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون 3 صفتون بيان ٿيون آهن:

1... الشريعة للآجرى ،كتاب مذہب امير المؤمنين على ابى طالب...الخ،جلد:5 ،صفحہ:2334، حديث:1825۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:584۔
3...رياض النضرة، الباب الثالث، الفصل العاشر، جز:3، صفحہ:48، ماخوذاً۔
4...مسند امام احمد ، مسند الانصار، جلد:9 ،صفحہ:98 ،حديث:22547۔
5... كراماتِ عثمان غنى، صفحہ:3، ملتقطا۔
6... اسباب النزول ،سورۂ زمر،زيرِ آيت: 9، صفحہ:284، رقم-763۔

## (1): رات جو عِبادت ڪرڻ وارا

پهريون وَصف اهو بيان ٿيو تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ رات جو گهڻا سجدا ڪندڙ، نمازون پڙهندڙ آهن. مُصَنَّف اِبْنِ ابي شيبہ ۾ روايت آهي، مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو معمول مبارڪ هو تہ پاڻ هميشہ نفلي روزا رکندا هئا ۽ رات جي شروعاتي حصي ۾ آرام فرمائي باقي رات عبادت ۾ گذاريندا هئا.[1]

## هڪ رڪعت ۾ پورو قرآن پڙهندا هئا

سندن زوجہ محترمہ فرمائن ٿيون: حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ (ڪين تلاوتِ قرآن سان اهڙي محبت هئي جو) هڪ ئي رڪعت ۾ پوري قرآن جي تلاوت فرمائي وٺندا هئا.[2]

حضرت عبدالرحمٰن تَيمي رَحۡمَةُ اللہ عَلَیہ فرمائن ٿا: هڪ رات مان ڪعبہ شريف جي ويجهو (يعني مسجدِ حرام ۾) هيس، مون عشاء جي نماز اتي ئي ادا ڪئي، پوءِ مقامِ ابراهيم وٽ بيهي رهيس، ايتري ۾ مسلمانن جا ٽيان خليفہ اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ تشريف فرما ٿيا، پاڻ سورة فاتحہ کان قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪئي ۽ تلاوت ڪندا ويا، ڪندا ويا، ايستائين جو پورو قرآنِ ڪريم مڪمل ختم ڪري ورتائون.[3]

سُبۡحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيڏو نہ ذوقِ عبادت آهي، هڪ ئي رڪعت ۾ پورو قرآن تلاوت ڪري وٺڻ ڪيتري نہ همت جي ڳالهہ آهي ۽ ان تي استقامت بہ ڏسو! پاڻ اهو نيڪ ڪم روزانو ڪندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنہ جي هي ئي اها شان آهي جيڪا قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿي:

هُوَقَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيۡلِ سَاجِدًا وَّ قَآئِمًا

يعني حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهي بلند شان وارا آهن جن جون راتيون سجدي ۽ قيام ۾ اللّٰہ پاڪ جي عبادت ڪندي، فرمانبرداري ڪندي گذرن ٿيون.

---

1... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب صلاۃ التطوع،باب من کان یامر بقیام اللیل،جلد:2،صفحہ:173، حدیث:6۔
2... الزہد لامام احمد، زُہدعثمان بن عفان، صفحہ:167، حدیث:673 ۔
3... کتاب الزُہد لابن المبارک، جز:10 ، صفحہ:362حدیث:1276خلاصۃً۔

# شب بيداري (رات جي عبادت) جا فضائل

ڪاش! اسان کي بہ اها سعادت ملي، اسان بہ راتين جو عبادت ڪيون، نمازِ عشاء باجماعت ادا ڪريون، پوءِ ڪوشش ڪري ڪجھ نہ ڪجھ نوافل پڙهي وٺون، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريون، ذِڪر اذڪار ڪريون، درودِ پاڪ پڙهون، اللہ پاڪ توفيق بخشي تہ تهجد بہ ادا ڪريون، تهجد جي وقت اِسۡتِغفَار (مثال طور اَسۡتَغۡفِرُاللہ! اَسۡتَغۡفِرُاللہ جي تسبيح) ڪريون، نمازِ فجر بہ باجماعت ادا ڪريون، اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡكَرِيۡم! شب بيداري جو ثواب نصيب ٿيندو، اچو! ترغيب لاءِ شب بيداري (يعني رات جي عبادت) جا ڪجھ فضائل ٻڌون ٿا:

۞ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي انسانو! سلام کي عام ڪريو! ماڻهن کي کاڌو کارايو! ۽ جڏهن ماڻهو سُتا پيا هجن تہ نماز پڙهو! توهان سلامتي سان جنّت ۾ داخل ٿي ويندؤ.[1] ۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: منهنجي اُمّت جا وڏيڪ شرف وارا ماڻهو اَهۡلِ قرآن ۽ اَصۡحَابُ اللَّيۡل (يعني رات جو عبادت ڪرڻ وارا) آهن.[2] ۞ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اهي بہ رڪعتون جيڪي ٻانهو رات جي وچ ۾ ادا ڪندو آهي، ان لاءِ دنيا ۽ جيڪي ڪجھ ان ۾ آهي (دنيا و مافيها) کان بهتر آهن، جيڪڏهن مان پنهنجي اُمّت تي ان کي مشڪل خيال نہ ڪريان ها تہ انهن تي ان کي فرض ڪري ڇڏيان ها.[3]

# شب بيداري سُنّتِ مصطفيٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شب بيداري (يعني رات جو عبادت ڪرڻ) جي هڪ اَهَم فضيلت اها بہ آهي تہ اها اسان جي پياري آقا و مولا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ سُنّت بہ آهي. صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡه کان روايت آهي، اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مکي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روزا رکندا هئا ۽

1... ترمذی ،ابواب صفة القيامة ...الخ ،صفحہ:589 ،حديث:2485
2...شُعَبُ الايمان ،باب فی تعظيم القرآن ،جلد:2،صفحہ:556،حديث :2703۔
3... الزہد لابن المبارک، جزء :10، صفحہ:364 حديث:1289 ۔

ايتري ڪثرت سان نمازون پڙهندا هئا جو سندن مبارڪ پيرن تي سوڄ اچي ويندي هئي.[1] اُمُّ الۡمُؤۡمِنِين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قِيَامُ اللَّيۡل (رات جي نفل نماز) هرگز نہ ڇڏيندا هئا.[2] اُمُّ الۡمُؤۡمِنِين حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا جي روايت مطابق پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معمول مبارڪ اهو هو تہ رات جو نماز ادا فرمائيندا هئا، پوءِ جيتري دير نماز ادا ڪئي، اوتري ئي دير آرام فرمائيندا هئا، پوءِ اُٿندا هئا ۽ جيتري دير آرام ڪيو، اوتري دير نماز ادا فرمائيندا هئا، پوءِ نماز پڙهڻ جي مقدار آرام فرمائيندا هئا، ائين ئي ڪندا رهندا هئا ايستائين جو فجر جو وقت شروع ٿي ويندو هو.[3]

صحابيءِ رسول حضرت حذيفہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡه فرمائن ٿا: هڪ رات اللّٰه پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسجد ۾ نماز ادا فرمائي رهيا هئا، مون موقعو ڏسي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پويان بيهي اقتدا ۾ نماز شروع ڪري ڇڏي. اللّٰه پاڪ جا رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دورانِ نماز سورة بَقَرَه جي تلاوت شروع فرمائي، مان دل ۾ خيال ڪري رهيو هيس تہ حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن 100 آيتون پڙهي رڪوع فرمائيندا پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن 100 آيتن تي رڪوع نہ ڪيو بلڪ اڳتي پڙهندا ويا، هاڻي مون خيال ڪيو تہ 200 آيتن تي رڪوع فرمائيندا پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن 200 آيتن تي بہ رڪوع نہ فرمايو. هاڻي مون کي خيال ٿيو تہ حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پوري سورة بَقَرَه (يعني تقريبن اڍائي سيپارا) مڪمل پڙهي رڪوع فرمائيندا. جيئن تہ سورة بَقَرَه مڪمل ٿي پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هاڻي بہ رڪوع نہ فرمايو بلڪ سورة آلِ عِمْرَان شروع فرمائي ڇڏي. هاڻي مان سوچي رهيو هيس تہ حُضُور سورة آلِ عِمْرَان مڪمل تلاوت ڪري رڪوع فرمائيندا. (پر منهنجو خيال هن ڀيري بہ درست نہ نڪتو)، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سورة

---

1...تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:4، صفحہ:141۔

2... ابوداؤد، کتاب التطوع ، باب قيام الليل، صفحہ:214، حديث:1307۔

3... ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ما جاء کيف کانت قراءة النبی ، صفحہ:679، حديث:2923ملتقطًا

آلِ عِمْرَان مڪمل فرمائي (يعني پوڻا چار سيپارا تلاوت فرمائي ورتا) پر رڪوع نہ ڪيو بلڪ سورة نِسَآء شروع فرمائي ڇڏي.

حضرت حذيفہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون سوچيو شايد حُضُور سورة نِسَآء مڪمل ڪري رڪوع فرمائيندا، هن پيري بہ منهنجو خيال درست نہ هو، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سورة نِسَآء مڪمل ڪئي (يعني سوا پنج سيپارا پورا ٿي ويا)، هاڻي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سورة مَائِده شروع فرمائي ۽ سورة مَائِده مڪمل تلاوت ڪرڻ کان پوءِ (يعني تقريبن سوا ڇهہ سيپارا پڙهي) رڪوع فرمايو. مون ٻڌو: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رڪوع ۾ سُبْحَانَ رَبِّیَ الْعَظِيْم پڙهي رهيا هئا، پوءِ (ٻي رڪعت ۾) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سورة اَنْعَام شروع فرمائي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ذرا سوچيو! ٻڌو اوهان! بخشيل بخشايل آقا، اُمّت کي بخشائڻ وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا، نُورِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيتري ڪثرت سان ۽ ڪهڙي پابندي سان عبادت ڪندا هئا. پوءِ هتي اهو بہ غور ڪريو تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون مصروفيتون ڪيتريون هيون؟ اسان تي عموماً هڪ گهر جي ذميواري هوندي آهي، هڪ گهر جي ڪجهہ فردن جي سار سنڀال ڪرڻي هوندي آهي پر اسان جا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري ڪائنات جا نبي آهن، نبوت جا فرض بہ انجام ڏيندا هئا، صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي عِلْمِ دِين بہ سيکاريندا هئا، نيڪي جي دعوت بہ ڏيندا هئا، غمخواري بہ فرمائيندا هئا، مريضن جي عيادت بہ فرمائيندا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ماڻهو فرياد آڻيندا هئا، انهن جي فرياد بہ ٻڌندا هئا ۽ اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تہ اها شان آهي جو جانور بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي حضور ۾ ڏک درد ٻڌائيندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي بہ شفقت ۽ رحمت سان نوازيندا هئا ائين سوچيندا وڃو!

1...سُبُلُ الْهُدٰى،جماع ابواب سيرته ...الخ،الباب الثالث فی وقت قيامه...الخ،جلد:8 ،صفحه:278 ملتقطًا۔

ڪيتريون مصروفيتون هيون، انهن سڀني مصروفيتن باوجود پيارا آقا، نُورِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پابندي سان ۽ ڪثرت سان اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪندا هئا.

## دُنيا ۾ اچڻ جو مقصد عبادت آهي

افسوس! هڪ اسان آهيون جو هر ڪم لاءِ وقت ڪڍي وٺون ٿا، پيسو ڪمائڻو هجي ته وقت ئي وقت آهي، سير و تفريح لاءِ وڃڻو هجي ته وقت ئي وقت آهي، موبائل ۽ سوشل ميڊيا لاءِ اسان هر وقت موجود (Available) آهيون، ڪو مداري اچي وڃي ته ڪِن وٽ ان جي چوڌاري مجموعو لڳائڻ جو به وقت آهي، ڪيڏڻ لاءِ به وقت آهي، روڊن تي وڏيون وڏيون ايل سي ڊيز (L.C.Ds) لڳائي رات دير تائين ميچ وغيره ڏسڻ ۽ گوڙ ڪرڻ جو به وقت ملي ويندو آهي. ها! اسان کي وقت ناهي ملندو ته صرف عبادت لاءِ ناهي ملندو، اسان کي وقت ناهي ملندو ته اشراق ۽ چاشت لاءِ ناهي ملندو، وقت ناهي ته اَوّابين جي نوافل لاءِ ناهي، وقت ناهي ته نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت جو وقت ناهي، مدني قافلن ۾ سفر جو وقت ناهي، نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو وقت ناهي، عِلْم سکڻ جو وقت ناهي، جيڪڏهن وقت ناهي ته قبر ۽ آخرت جي تياري جو وقت ناهي

اي ڪاش! اسان کي فڪرِ آخرت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان پنهنجي آقا و مولا، مُحَمّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عملي طور تي پنهنجو آئيڊيل (Ideal) بڻائڻ ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سيرتِ پاڪ کي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. ڪاش! عبادت جي توفيق ملي وڃي.

عبادت میں گزرے مِری زِندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یااِلٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): آخرت کان ڊڄڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپارو: 23، سورة زُمَر جي آيت: 9 ۾ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ٻيو وَصف اهو بيان ٿيو ته:

1...وسائل بخشش، صفحه:105۔

يَّحۡذَرُ الۡاٰخِرَةَ (سيپارو: 23، الزمر: 9) | ترجمو كنزُ العرفان: آخرت کان ڊڄي ٿو

يعني حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آخرت کان تمام گهڻو ڊڄڻ وارا آهن.

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خوفِ خُدا جا واقعا

۞ مسلمانن جا ٽيان خليفہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اهڙا خوفِ خُدا وارا هئا جو جڏهن ڪنهن قبر وٽ بيهندا هئا تہ ايترو روئندا هئا جو لڙڪن سان سندن ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي.[1] ۞ هڪ ڀيري خوفِ خُدا جي غلبي سبب فرمايائون: جيڪڏهن مون کي جنّت ۽ دوزخ جي وچ ۾ بيهاريو وڃي ۽ مون کي اها خبر نہ هجي تہ مون کي جنّت ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو يا جهنّم ڏانهن موڪليو ويندو، ان وقت مان اهو پسند ڪندس تہ اتي ئي خاڪ ٿي وڃان.[2]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ قطعي جنّتي آهن، انهن کي مالِڪِ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خود پنهنجي مبارڪ زبان سان هڪ ڀيرو نہ، ڪيترائي ڀيرا جنّت جي خوشخبري ٻڌائي بلڪ پاڻ تہ اهي بلند رُتبہ صحابي آهن جو پاڻ هڪ ڀيرو نہ، ڪيترائي ڀيرا سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان جنّت خريد ڪئي آهي، مطلب تہ: سندن جنّتي هجڻ ۾ ڪو شڪ ئي ناهي پر پوءِ بہ پاڻ الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڪيترو ڊڄندا هئا، پاڻ خوفِ خُدا جي غلبي سبب ئي اهو فرمايو تہ متان ائين نہ ٿئي، مون کي جنّت جي بدران جهنّم ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو وڃي، ان ڪري مان اهو پسند ڪندس تہ جنّت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ئي ڍير ٿي وڃان.

ڪاش! ايسا هوجاتا خاڪ بن ڪے طَيبہ کی | مصطفٰے کے قدموں سے میں لپٹ گیا ہوتا (3)

---

1... ترمذی،کتاب الزہد، صفحہ:554، حدیث:2308۔

2... الزہد للامام أحمد، زہد عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ،صفحہ:169، حدیث:687۔

3...وسائلِ بخشش ،صفحہ:159۔

## غُلام کان معافي وٺي ڇڏي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي تہ ڇا شان آهي، پاڻ الله پاڪ کان تمام گهڻو ڊڄڻ وارا هئا، ان ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن کي ناحق تڪليف نہ پهچائيندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہ پنهنجي هڪ غُلام کي فرمايو: مون هڪ ڀيري تنهنجو ڪن مروڙيو هو، ان ڪري تون مون کان ان جو بدلو وٺي وٺ.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ڪڏهن ڪنهن ڏٺو آهي تہ آقا پنهنجي غُلام کان يا سيٺ پنهنجي مُلازم کان معافي گهرندو هجي، ڪليل دل سان ان کي بدلو وٺڻ جي آفر ڪندو هجي...؟ ها! جيڪي خوفِ خُدا وارا هوندا آهن، جن کي ڊپ هوندو آهي تہ متان منهنجي بظاهر معمولي نظر ايندڙ خطا بہ قيامت جي ڏينهن پڪڙ جو سبب نہ بڻجي وڃي اهي پنهنجي مُلازم تہ ڇا، دُنياوي لحاظ کان پاڻ کان گهٽ رُتبي واري کان بہ معافي گهرڻ ۾ بلڪل نہ شرمائيندا آهن. ڇو؟ ان ڪري جو اهي الله پاڪ کان ڊڄندا آهن.

## منهنجو رب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بيمار ٿي پيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صحابہِ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان کي ساڻ ڪري انهن جي عيادت لاءِ تشريف فرما ٿيا تہ ڏٺائون تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ چهرو زمين ڏانهن ڪري ليٽيل هئا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عثمان! ڇا ٿيو، پنهنجو مٿو ڇو نٿو مٿي ڪرين؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي الله پاڪ کان حياءُ اچي ٿو. مڪي مديني واري سائين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇو حياءُ اچي ٿو؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان ڊڄان ٿو تہ متان منهنجو پاڪ پروردگار مون کان ناراض نہ ٿي ويو هجي.!![2]

[1]... الرياض النضرة،الباب الثالث ،الفصل التاسع،جز:3 ،صفحہ:40۔
2... رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:20۔

(اللّٰهُ اڪبر! اي عاشقانِ رسول! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪو گناهه جو ڪم نہ ڪيو هو، اللّٰه پاڪ جي ناراضگي وارو ڪو ڪم نہ ٿيو هو، پر جيڪو سچو عاشق هوندو آهي، ان کي بس هر وقت اهو ئي فڪر لڳل هوندي آهي تہ ڪٿي منهنجو محبوب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي بہ اهڙيءَ طرح فڪر لڳل هئي، پاڻ زمين ڏانهن چهرو ڪري ليٽيل هئا، مٿو مٿي نہ ڪٽي رهيا هئا، جڻ پنهنجي طور تي اظهارِ ندامت ڪري رهيا هئا.) جڏهن سلطانِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي پياري صحابي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي ڳالهه ٻڌي تہ فرمايائون: عثمان! هي جبريل عَلَیْہِ السَّلَام آهي، مون کي خبر ڏئي رهيو آهي تہ تون آسمان وارن جو نور آهين، اهلِ زمين ۽ اهلِ جنّت جو چراغ آهين.[1]

| | |
|---|---|
| جو دِل کو ضیا دے جو مقدر کو جِلا دے | وہ جلوۂ دیدار ہے عثمانِ غنی کا |
| جس آئینہ میں نُورِ اِلٰہی نظر آئے | وہ آئینہ رُخسار ہے عثمانِ غنی کا(2) |

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صدقي ڪاش! اسان کي بہ خوفِ خُدا نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان کي بہ اهو احساس هر وقت تڙپائيندو رهي تہ افسوس! ڪٿي منهنجو رب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي. افسوس! ڪٿي قبر ۾ پڪڙجي نہ وڃان، قيامت جي ڏينهن حساب نہ ورتو وڃي، هاءِ! هاءِ! جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجي گناهن جو دفتر کوليو ويو، منهنجي گناهن سبب منهنجو رب مون کان ناراض ٿي ويو، افسوس! جيڪڏهن مون کي رحمت کان محروم ڪري جهنّم ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو!!...

| | |
|---|---|
| آج بنتا ہوں معزز جو کُھلے حشر میں عیب | آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ! |
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی | ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارَبّ! |
| دَرْدِ سر ہو یا بُخار آئے تڑپ جاتا ہوں | میں جہنّم کی سزا کیسے سہوں گا یارَبّ! |
| عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا | گر کرم کر دے تَو جنّت میں رہوں گا یارَبّ! (3) |

1... رياض النضرة، الباب الثالث، الفصل السادس،جز:3، صفحه:20-
2...ذوقِ نعمت، صفحه:81-
3...وسائلِ بخشش، صفحه:85-

## خوفِ خُدا حاصل ڪرڻ جا طريقا

الله پاڪ اسان کي خوفِ خُدا جي دولت نصيب فرمائي. جيڪڏهن خوفِ خُدا جي نعمت سان مالا مال ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ۞ ان لاءِ قرآن ڪريم جي تلاوت جو معمول بڻايو! خاص طور تي اهي آيتون جن ۾ اَللّٰه پاڪ جي عذاب جو، جهنّم جو، قيامت جو ذڪر آهي، انهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ذهن ۾ ويهاري خوب توجهہ سان بار بار انهن آيتن جي تلاوت ڪريو! ۞احاديث ۾ خوفِ خُدا جو بيان آهي، اهڙيون حديثون پڙهو! ۞ خوفِ خُدا تي مبني ڪتابن جو مطالعو ڪريو! ۞خوفِ خُدا رکندڙ بزرگانِ دِين جي سيرت پڙهو! ۞جدول ناهي روزانو يا گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو قبرستان حاضري ڏيو! اتي فاتحہ شريف بہ پڙهو ۽ ساڳئي وقت ان ڳالهہ تي غور بہ ڪريو تہ جلد ئي مون کي بہ قبر ۾ اچڻو آهي، ان وقت منهنجي بي بسي جو عالم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي معاملن تي غور بہ ڪيو وڃي. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! خوفِ خُدا جي دولت نصيب ٿي ويندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): رحمتِ اِلٰهي کان تمام گهڻي اُميد رکڻ وارا

اي عاشقانِ رسول! آيتِ ڪريمہ ۾ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو ٽيون وَصف بيان ٿيو:

| | |
|---|---|
| وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ (سيپارو: 23، الزمر: 9) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ پنهنجي ربّ جي رحمت جي اميد لڳائي رکي ٿو، |

يعني حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ الله پاڪ جي رحمت کان تمام گهڻي اُميد رکڻ وارا آهن.

## خوف ۽ اُميد ٻئي ضروري آهن

اهو بہ تمام اَهَم وَصف آهي. الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي، ان کان ڪڏهن بہ نااُميد نہ ٿيڻ گهرجي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ
(سيپارو: 24، الزمر: 53)

ترجمو كنزُ العرفان: الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿجو.

هتي اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ جي آهي تہ الله پاڪ جو خوف ۽ ان جي رحمت کان اُميد، ٻئي ئي ضروري آهن، جيڪڏهن صرف خوفِ خُدا جو غلبو هجي ۽ ٻانهو رحمت کان بلڪل نااُميد ٿي وڃي، اهو بہ درست ناهي ۽ الله پاڪ جي رحمت کان اُميد هجي پر ٻانهو الله پاڪ جي پڪڙ کان بلڪل بي خوف ٿي وڃي، اهو بہ درست ناهي. حُجّةُ الْاِسْلام امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب مِنْهَاجُ الْعَابِدِين ۾ خوف ۽ اُميد کي عَقْبَةُ الْبَوَاعِثْ جو نالو ڏنو آهي يعني خوف ۽ اُميد اهي شيون آهن جيڪي انسان کي عبادت تي اڀارين ٿيون. ان ڪري هڪ نيڪ ۽ عبادت گذار، سنو مسلمان بڻجڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان الله پاڪ جي رحمت کان اُميد بہ رکون ۽ ان جي خفيہ تدبير کان، ان جي غضب کان خوفزده بہ رهون.

## معاشري ۾ مايوسي جون مثالون

بدقسمتي سان اڄڪلهہ جيئن خوفِ خُدا جي ڪمي ملي ٿي، ائين ئي مايوسي بہ پکڙجندي پئي وڃي. ۞هڪ ڏينهن دُڪان تي آمدني گهٽ ٿي تہ دل پريشان ٿي وڃي ٿي ۞بيمار ٿي وياسين تہ مايوسي ۞ڪا پريشاني اچي تہ مايوسي ۞مُصيبت اچي وڃي تہ مايوسي ۞اسان جا نوجوان امتحان ۾ ناڪام ٿي وڃن تہ مايوس ٿي وڃن ٿا ۞ڪي نادان تہ مايوسي جي ڪڏ ۾ ايئن ڪرن ٿا جو تنگدستي، غربت، پريشاني ۽ امتحان وغيره ۾ ناڪامي کان مايوس ٿي خودڪشي جو رستو وٺن ٿا. اَلْاَمَانْ وَالْحَفِيْظ الله پاڪ محفوظ فرمائي. الله پاڪ جي رحمت کان هرگز مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان پڇيو ويو: سڀ کان وڏو گناهہ ڇا آهي؟ فرمايائون: الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان بي خوفي ۽ ان جي رحمت کان مايوس ٿي وڃڻ.[1]

1... كنزالعمال، كتاب الاذكار،جز:2 ،جلد:1 ، صفحہ:167، حديث:4322 ملتقطاً۔

میں نے مانا کہ حامِدؔ گنہگار ہے | مَعْصِیَت کیش ہے اور خَطا کار ہے
میرے مولیٰ مگر تُو تو غَفَّار ہے | کہتی رحمت ہے مجرِم سے لَاتَقْنَطُوْا

اللہ، اللہ، اللہ، اللہ[1]

## اُميدِ رحمت جو هڪ تقاضو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري ۾ هڪ وڏو عجيب معاملو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، هڪ طرف تہ مايوسي عام آهي، رزق ۾ تنگي ٿي وئي، ڪا پريشاني اچي وئي، ڏک، تڪليفون اچي ويون تہ ماڻهو مايوس ٿي وڃن ٿا، ٻئي طرف اُميد جي غلبي جي اها حالت آهي تہ جڏهن ڪنهن بي نمازي کي نماز جي دعوت ڏني وڃي، ڪنهن کي گناهہ ڇڏڻ، نيڪ ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏني وڃي تہ سامهون کان جواب ملي ٿو: مولانا صاحب! اللہ پاڪ وڏو مهربان آهي، اهو اسان کي بخشي ئي ڇڏيندو. اهي بي ٻاڪي وارا جملا آهن. اهڙين ڳالهين کان اسان کي بچڻ گهرجي. ياد رکو! اللہ پاڪ جي رحمت کان اُميد رکڻ جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ اسان ان جون نافرمانيون شروع ڪري ڇڏيون، فرضن ۽ واجبن جي بہ بلڪل پرواهہ نہ ڪريون ۽ چئون تہ اللہ پاڪ رحمٰن ۽ رحيم آهي، گناهہ ڪري بہ وٺون تہ ڪا ڳالهہ ناهي، اللہ پاڪ بخشي ئي ڇڏيندو. اللہ پاڪ جي رحمت کان اُميد رکڻ جو بہ اصل ۾ تقاضو اهو ئي آهي تہ اسان ڪثرت سان عبادت ڪريون، فرض بہ پورا ڪريون، واجبات بہ پورا ڪريون، نفل عبادتون بہ خوب ڪريون، پوءِ اللہ پاڪ جي رحمت کان اُميد بہ لڳايون تہ اهو رب رحمٰن ۽ رحيم آهي، اسان جي ناقص عبادت کي پنهنجي پاڪ بارگاهہ ۾ قبول فرمائي پنهنجي رحمت سان جنّت عطا فرمائي ڇڏيندو.

## اُميدِ رحمت جو اصل مطلب

حضرت يحيٰ بن مُعاذ رازي رَحمَۃُ اللہ عَلَیہ اللہ پاڪ جا وڏا نيڪ ٻانها هئا، انهن تي عموماً اُميدِ رحمت جو غلبو رهندو هو. ان باوجود پاڻ ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا، هڪ ڏينهن ڪنهن پڇيو: سائين! اوهان تي اُميد غالب

1...بياض پاڪ، صفحہ:12۔

آهي پر اوهان عبادت ايئن ڪريو تا جيئن اوهان تي خوفِ خُدا جو غلبو هجي. فرمايائون: پُٽ! ٻڌ...! عبادت ڪيِ ڇڏڻ گمراهي آهي جڏهن ته خوف ۽ اُميد ايمان جا ٻه ٿنڀا (Pillar) آهن. جنهن تي خوفِ خُدا جو غلبو هجي، اهو پنهنجي خوف کي دور ڪرڻ ۽ اللّٰه پاڪ جي عذاب کان بچڻ لاءِ عبادت ڪندو آهي ۽ جنهن تي اُميدِ رحمت جو غلبو هجي، اهو اللّٰه پاڪ جي رحمت جو حقدار بڻجڻ لاءِ عبادت ڪندو آهي، جيستائين عبادت نه هجي، نه خوف ڪو فائدو ڏيندو آهي، نه اُميد. ها! ٻانهو عبادت ڪندو هجي ته اُميد ۽ خوف ٻئي ئي عبادت بڻجي ويندا آهن.[1]

اهو آهي اُميدِ رحمت جو اصل مفهوم...!! اسان کي اللّٰه پاڪ جي رحمت کان اُميد رکڻي آهي، ضرور رکڻي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ عبادت به ڪرڻي آهي، نمازون به پنج ئي وقت، اهي به باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻيون آهن، روزا به رکڻا آهن، تلاوت به ڪرڻي آهي، باقي نيڪ اعمال به ڪرڻا آهن. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو! حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بلند رُتبي وارا صحابيءِ رسول آهن، قرآنِ ڪريم جون ڪيتريون ئي آيتون سندن شان ۾ نازل ٿيون، قرآنِ ڪريم ۾ هڪ جاءِ تي سندن 3 اَوْصاف بيان ٿيا آهن:
(1): اوهان راتين جو عبادت ڪرڻ وارا آهيو (2): اللّٰه پاڪ کان ڊڄڻ وارا آهيو ۽ (3): اللّٰه پاڪ جي رحمت کان اُميد رکڻ وارا آهيو. حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي صدقي اللّٰه پاڪ اسان کي به اهي ٽيئي اوصاف اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## نيڪ اعمال (Naik Amal) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمالن ۾ اضافي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي،

---
1... ڪَشْفُ الْمَحْجُوب، صفحه: 184بتغير قليل ـ

جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (Naik Amal) هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو، هن ايپليڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالب علمن لاءِ الڳ الڳ رسالا موجود آهن ۞ان ڪي 6 مختلف ٻولين ۞انگريزي ۞اردو ۞هندي ۞بنگلا ۞گجراتي ۽ ۞سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو۞هن ۾ مختلف نيڪ اعمالن تي مبني سوال ڏنا ويا آهن ۞هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪوبہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمالن جو جائزو ونو، ان مطابق زندگي گذاريو،اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اجرو اجرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

مسئلو: جلسي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جي مقدار ويهڻ واجب آهي.

وضاحت: ٻن سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي جلسو چوندا آهن. گهڻن ئي ماڻهن کي اها غلطي ڪندي ڏٺو ويندو آهي تہ جلدبازي ۾ جلسي ۾ پورو نہ ويهندا آهن، هڪ سجدي مان اٿيا، اڃا پٺي سڌي بہ نہ ٿي هئي تہ ٻئي سجدي ۾ هليا ويا، ان طرح جلسو پورو نہ ٿيندو آهي، واجب ڇُٽي ويندو آهي ۽ ائين ڪرڻ وارو گنهگار هوندو آهي. ياد رکو! جلسي ۾ سڌو ويهڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جي مقدار ترسڻ واجب آهي، جيڪڏهن ويسر ۾ جلسو پورو نہ ڪيو تہ سجدهءِ سهو واجب ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ائين ڪيو (يعني جلسي ۾ پورو نہ وينو) تہ نماز واجبُ الۡاِعَادہ ٿيندي يعني نماز ٻيهر پڙهڻ واجب ٿيندي.[1]

1... فتاویٰ اہلسنت، غیر مطبوع، ریفرینس نمبر: Nor:12802 ملخصاً۔

الله پاڪ اسان کي نماز سکي، درست انداز سان پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا مُعِزُّ

جيڪو ڪوئي نماز عشاء کانپوءِ جمعي ۽ خميس جي وچ واري رات (شبِ جمعہ) 140 ڀيرا يَا مُعِزُّ پڙهندو، مخلوق جي نظر ۾ ان جي عزت، حرمت ۽ هيبت وڌندي. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...مدنی پنج سورہ، صفحہ:249 ۔